قرآني بيان

# اوهان جو ذڪر بلند آهي

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

## جمعة المبارڪ جو

26-September-2025



مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبهِ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
26 سيپٽمبر 2025ء (اسلامي تاريخ: 3 ربيعُ الآخر 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

(سيپارو: 30، سورت والضُّحيٰ 4)

# اوهان جو ذڪر بلند آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿...ڪفارِ مڪه جي ناپاڪ سازش

✿...محبوب جو ذڪر وڌندو ئي پيو وڃي

✿...محبوب جون دنيوي عظمتون ۽ شان

✿...اوهان جي ڪري، خلق ڪتان جو ڪتان تي وئي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

شفاعت فرمائڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مون تي صبح ۽ شام 10، 10پيرا درودِ پاڪ پڙهي، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. [1]

عاصیو! جرم کی دوا ہے درود — کیا دوا عین کیمیا ہے درود
ایک ساعت میں عمر بھر کے گُناہ — کرتا مَعْدُوم اور فنا ہے درود
چھوڑیو مت درود کو کافی — راہِ جنّت کا راہنما ہے درود [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم، اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ؕ ﴿۴﴾ (پارو :30، الضحیٰ: 4)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت تي ٻڌل عظيم الشان قرآني سورت، سورة وَالضُّحٰى جي تشريح ۽ وضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون،

1...ترغيب وترهيب، ڪتاب: نوافل، صفحه:223، حديث:29۔
2...کافی کی نعت،صفحہ:39ملتقطًا۔

اڄ اسان سورة وَالضُّحٰی جي چوٿين آيتِ ڪريمہ ۽ ان جي ضمن ۾ شانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعا آهي تہ هو اسان کي قرآنِ ڪريم سکڻ، پڙهڻ، ان کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## آيتِ ڪريمہ جو مختصر خُلاصو

اي عاشقانِ رسول! اللّٰه پاڪ پنهنجي آخري نبي، چهره وَالضُّحٰی واري نبي، زُلفِ وَاللَّيْل واري نبي، محبوب نبي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پيارن پيارن خطابن سان نوازيندي، سندن بي مثال شانن، عظمتن ۽ رفعتن جي بيان ۾ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ؕ ﴿۴﴾<br>(سيپارو :30، الضحیٰ: 4) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر ڪڏريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي. |

اسان ٻڌو هو تہ جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِعلانِ نبوت فرمايو، ان ڪانپوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ وَحْي جو اچڻ رڪجي ويو هو، ان تي مڪي جي ڪافرن اعتراض ڪيو تہ مُحَمَّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڪين رَبّ ڇڏي ڏنو آهي. ان جي جواب (Reply) ۾ رَبّ ڪائنات فرمايو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي رُخِ روشن جو قسم...!! توهان جي وَالَّيْل زُلفن جو قسم! توهان جي رَبّ توهان کي نہ ڇڏيو آهي، نہ ئي هو توهان کان ناراض ٿيو آهي، هاڻي هن آيتِ ڪريمہ ۾ اهو ٻڌايو پيو وڃي تہ اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي غير مسلم ڀلا توهان جي عظمت کي ڇا ڄاڻن...!! توهان اهي پيارا محبوب آهيو جو توهان جي شان ۽ عظمت ۾، رفعت ۽ بلندي ۾، مقام ۽ مرتبي ۾، عزّت ۽ شوڪت ۾ اِضافو ئي اِضافو ٿيندو رهندو، ان ۾ ڪنهن وقت، ڪنهن لمحي، ڪنهن ڏينهن گهٽتائي (Reduction) جو ڪو تَصَوُّر ئي ناهي.

فرش والے تری شوکت کا عُلُو کیا جانیں؟
خُسرُوَا عرش پہ اُڑتا ہے پھَرَیرا تیرا[1]

## آيتِ ڪريمه جون ٻہ معنائون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَ لَلْاٰخِرَةُ خَیْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰىؕ (۴)
(سيپارو :30، الضحیٰ: 4)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي.

هتي 2 ڳالهين جو بيان آهي: (1): هڪ آهي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ماضي ۽ (2): هڪ آهي سندن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مستقبل يعني هڪ لفظ آهي: اَلْاٰخِرَةُ(پوئين گهڙي) ۽ ٻيو لفظ آهي: اَلْاُوْلٰى(پهرين گهڙي). انهن ٻنهي مان ڇا مراد آهي؟ مُفَسّرِينِ ڪرام انهن ٻنهي لفظن جا 2، 2مطلب بيان فرمايا آهن.

## آيتِ ڪريمه جي پهرين معنيٰ

ان جي هڪ تفسير تہ اها آهي تہ اَلْاٰخِرَةُ مان هر ايندڙ لمحو، ايندڙ ڪلاڪ، ايندڙ ڏينهن، ايندڙ هفتو (Week)، مهينو (Month) ۽ سال (Year) مراد ورتو وڃي ۽ اَلْاُوْلٰى مان پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هر گذريل لمحو مراد هجي.[2] هن صُورت ۾ آيتِ ڪريمہ جي معنيٰ ۽ مطلب هي ٿيندو: اي پيارا محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هر ايندڙ لمحي، ڪلاڪ ۽ ڏينهن ۾ توهان جا درجا بلند کان بلند ٿي ٿيندا ويندا، توهان کي عزّت تي عزّت، عظمت تي عظمت، رفعت تي رفعت ۽ شان ۽ شوڪت ئي عطا ٿيندي ويندي، توهان جي مقام ۽ مرتبي ۾ ڪنهن بہ لمحي ڪمي نہ ايندي

## هن کي منظور وڌائڻ تنهنجو

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي منهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو...!! توهان ٿورو غور فرمايو! سورة وَالضُّحٰى نازل

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:16۔
2...تفسيرِ ڪبير،پاره:30،الضحیٰ،زيرِ آيت:4،جلد:11،صفحہ:193 خلاصةً۔

ڪڏهن ٿي هئي؟ اِعلانِ نبوت جي شروعاتي دور ۾...!! الله! الله! مَڪَّةُ الْمُكَرَّمَه جي وادي (Valley) آهي، اسلام جو شروعاتي دور (Early Period) آهي، هر طرف ڪفر ئي ڪفر پکڙيل آهي، ابوجهل، عتبہ، شيبہ وغيره وڏا وڏا ڪافر، مڪي جا سردار مخالفت تي ڪمر ٻڌي بيٺا آهن، ايتري تائين جو محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چاچو ابولهب بہ دشمنن (Enemies) جي صف ۾ آهي، اَفرادي قُوَّت (Man Power) بہ انهن وٽ آهي، اِقتدار بہ انهن جو آهي، مال ۽ دولت (Wealth) بہ ظاهري طور انهن وٽ وڌيڪ آهي ۽ سڀ ڪافر اسلام کي دنيا جي صفحي تان مٽائڻ (Eliminate) لاءِ سخت ڪوششون ڪري رهيا آهن، ظاهري طور ڳڻپ جا ڪجهہ مسلمان آهن ۽ مقابلي تي سمورا مڪي وارا آهن، اهڙن حالتن ۾ رَبّ ڪائنات پنهنجي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان واعدو فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ؕ ﴿۴﴾<br>(سيپارو :30، الضحیٰ: 4) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي. |

جڻ تہ فرمايو پيو وڃي: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ڪافر لک ڪوششون ڪن پر توهان جي ذڪر کي مٽائي نہ سگهندا، توهان جو ربِ ڪريم ڏينهون ڏينهن توهان کي ترقي (Progress) ئي عطا فرمائيندو رهندو.

| | |
|---|---|
| مُيَسَّر کسی کو نہیں ایسی رفعت | کہ جیسا ہوا پایہ بالا تمہارا[1] |

اوهان تاريخ (History) پڙهي ڏسو! جيئن ربِ ڪريم واعدو فرمايو هو، بلڪل ائين ئي ٿيو، مڪي جي ڪافرن لکين ڪوششون ڪيون، تبليغ دين کي روڪڻ لاءِ پورو زور بہ لڳايو، جيڪي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيندا هئا، انهن تي ظُلم ۽ ستم (Cruelty) جا پهاڙ بہ ٽوڙيا ويا، انهن کي عرب جي گرمي ۾، تپندڙ واريءَ تي بہ ليٽايو ويو، لوهہ جي گرم سيخن (Rods) سان انهن جي جسمن تي داغ بہ ڏنا ويا، مطلب تہ: ظلم جو اهو ڪهڙو انداز هو، جيڪو انهن نہ اپنايو، مقصد صرف اهو ئي هو تہ ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مَعَاذَالله!) متجي وڃي، انهن جي چاهيندڙن جي تعداد ۾ اِضافو نہ ٿئي، اسلام دنيا ۾

1...قبالۂ بخشش،صفحہ:29۔

هرگز پڪڙجي نہ سگهي پر تاريخ گواهہ آهي، مڪي جا ڪافر ذڪرِ مصطفيٰ کي روڪڻ جي جيتري ڪوشش ڪندا هئا، اهو مبارڪ ذڪر اوترو ئي بلند ٿيندو پئي ويو، اهي اسلام کي متائڻ چاهيندا هئا پر محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غُلامن ۾ اضافو ئي ٿيندو پئي ويو.

تُو گھٹائے سے کسی کے نہ گھٹا ہے نہ گھٹے
جب بڑھائے تجھے اللہ تَعَالٰی تیرا(1)

## مڪي وارن جي بيهوده سازش

مڪي پاڪ ۾ هڪ جڳهہ هئي، جنهن کي دارُالنَّدْوہ چوندا هئا، جڏهن مڪي جي ڪافرن اهو ڏٺو تہ اسان اسلام کي جيترو دٻايون ٿا، اسلام اوترو ئي اڀري ٿو، اسان ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جيترو متايون ٿا، اهو اوترو ئي پکڙجندو پيو وڃي تہ اَهلِ مڪہ دارُالنَّدْوہ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس رکي، ان ڪانفرنس (Conference) ۾ مڪي جا سمورا وڏا وڏا ڪافر، وڏا وڏا سردار ۽ دانشور (عقلمند يعني حقيقت ۾ عقل جا دشمن) گڏ ٿيا، شيطان بہ هڪ پوڙهي جي شڪل ۾ اچي ويو، اهو بہ ان ڪانفرنس ۾ شامل ٿيو، ڪانفرنس جو موضوع (Topic) هي هو تہ اسان جون سڀ ڪوششون (Efforts) ناڪام ٿي ٿينديون پيون وڃن، اسان غُلامانِ مصطفيٰ تي ظلم بہ ڪيا، انهن کي سخت کان سخت تڪليفون بہ ڏنيون، 3 سالن تائين انهن سان مقاطعہ (Bycott) ڪري شعبِ ابي طالب ۾ بڪيو اُجيو بہ رکيو پر ذڪر مصطفيٰ آهي جو وڌندو ئي پيو وڃي، اسلام آهي جو پکڙجندو ئي پيو وڃي، ڏينهون ڏينهن مسلمانن جي تعداد ۾ اضافو ئي ٿي رهيو آهي، آخر مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معاملي کي ڪيئن ختم ڪجي؟

عقل ہوتی تو خُدا سے نہ لڑائی لیتے | یہ گھٹائیں، اسے منظور بڑھانا تیرا(2)

---

1 ...حدائقِ بخشش،صفحہ:29۔
2 ...حدائقِ بخشش،صفحہ:28۔

ڪانفرنس شروع ٿي، سيني ڪافرن پنهنجا پنهنجا مشوَرا ڏنا، آخر ۾ ابوجهل چيو: منهنجي راءِ اها آهي تہ سيني قبيلن (Tribes) مان هڪ هڪ بهادر چونڊيو وڃي، سڀ پنهنجون تلوارون کڻي هڪ ئي وقت حملو ڪن ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شهيد ڪري ڇڏين (مَعَاذَ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!) جو تہ بنوهاشم سيني قبيلن سان جنگ ڪري نہ سگهندا، تنهنڪري ديت (يعني خُون بها) وٺڻ تي راضي (Agree) ٿي ويندا، تنهنڪري اسان سڀ گڏجي انهن کي خُون بها ڏئي ڇڏينداسين. ائين نہ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رهندا، نہ اسلام پکڙبو.

سيني جو ان راءِ تي اتفاق ٿي ويو ۽ هر شخص اهو خوفناڪ منصوبو کڻي پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو، هتي هي بدبخت سازشون ڪري رهيا هئا، اتي رَبّ ڪائنات پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حڪم ڏنو تہ اي محبوبِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اڄ رات هجرت ٿيندي. پوءِ رات ٿي، هر قبيلي جو هڪ هڪ بهادر تلوار کڻي آيو ۽ پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر مبارڪ جو محاصرو ڪري ورتو.

هاڻي هتي صاحِبِ خُلْقِ عظيم، محبوبِ ربِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا اخلاق بہ ڏسو! اهي ئي ڪافرَ جيڪي مَعَاذَالله! جان جا دشمن آهن، انهن جون ئي امانتون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ رکيل آهن، رسولِ رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي سڀ امانتون حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي حوالي ڪيون، کين پنهنجي بستري مبارڪ تي سمهاريو ۽ حڪم ڏنو تہ سڀاڻي صبح اهي سڀ امانتون انهن جي مالڪن کي واپس ڪري مديني اچي وڃجان.
اهو حڪم ڏئي سرڪارِ عالي وقار، رسولِ مالِڪ و مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر مبارڪ کان ٻاهر تشريف کڻي آيا، هٿ مبارڪ ۾ ڪجهه مٽي کنئي ۽ سورت يٰسِين شريف جي تلاوت ڪندي، سيني محاصرو ڪندڙن جي مٿي تي مٽي وجهندي نڪري ويا ۽ هجرت ڪري مدينۂ مُنَوَّره ڏانهن روانا ٿي ويا.
اهي جيڪي بهادر سڏرائيندا هئا، جيڪي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي

مَعَاذَ الله! شهيد ڪرڻ جي ارادي سان آيا هئا، رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جي اکين اڳيان گذري ويا پر انهن کي نظر به نه آيا.[1]

ڪٿي ته هي ڪُفار جيڪي مَعَاذَ الله! محبوب جو ذڪر مٽائڻ تي آماده هئا، ڪٿي اها مديني جي پياري پياري بستي جتي محبوب جي آمد تي جشن ملهايو پئي ويو.

ڪافر چاهيندا هئا ته اهو ذڪر مٽجي وڃي پر ربِ ڪريم پنهنجي محبوب جو ذڪر وڏيڪ بلند فرمايو ۽ مديني پاڪ جون فضائون

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا (اسان تي چوڏهين جو چنڊ طلوع ٿي ويو)
جي ترانن سان گونجڻ شروع ٿي ويون.

سُبْحٰنَ الله! هي آهي محبوب جو ذڪر...!! جيڪو گهٽجڻ ته پري جي ڳالهه ڪنهن لمحي رڪجي به نه ٿو پر پهرين کان وڏيڪ وڌندو ئي پيو وڃي.

مٹ گئے، مٹتے ہیں، مٹ جائیں گے اعدا تیرے | نہ مٹا ہے نہ مٹے گا کبھی چرچا تیرا[2]

۽ هڪ ٻي جاءِ تي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ لکيو:

وہی دُھوم ان کی ہے ماشآءَ اللہ! | مٹ گئے آپ مٹانے والے[3]

## ذڪرِ محبوب وڌندوئي پيووڃي

پيارا اسلامي ڀائرو! اها ته ان دور جي ڳالهه هئي، اڄ ترقي يافته (Progressive) زمانو آهي، ڪمپيوٽر ۽ موبائل، انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جو دور آهي، اڄ ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي روڪڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪوششون نه پيون ٿين؟ ۞ مَعَاذَالله! قرآنِ ڪريم جون بي حرمتيون ڪيون وڃن ٿيون ۞ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون گستاخيون ڪيون وڃن ٿيون ۞ سوشل ميڊيا ذريعي، يوٽيوب، فيس بڪ، ٽوئيٽر (Twitter) وغيره ذريعي

1...الروض الانف،الملا من قریش یتشاورون فی امر الرسول،جلد:2،صفحہ:335-339 خلاصۃً۔
2...حدائقِ بخشش،صفحہ:29۔
3...حدائقِ بخشش،صفحہ:161۔

غلط معلومات ڦهلائي پئي وڃي، ماڻهن کي غلط فهمين ۾ وڌو پيو وڃي ۞ سيرتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اجايو اعتراض اٿاريا پيا وڃن ۞ ماڻهن جي ذهنن ۾ زهر پريو پيو وڃي ۞ غير مسلمن جا پورا پورا ادارا قائم آهن جن جو ڪم ئي ماڻهن کي ڀٽڪائڻ آهي، مطلب تہ: ۞ دنيا جون وڏيون وڏيون طاقتون پنهنجو پئسو لڳائي رهيون آهن، طاقت جو استعمال ڪيو پيو وڃي ۞ مسلمانن تي ظُلم ۽ ستم ڪيا پيا وڃن ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڇو تي رهيو آهي؟ ۞ صرف ۽ صرف ذڪرِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روڪڻ لاءِ ۞ اسلام کي مٽائڻ لاءِ...!! پر قربان وڃجي! ذڪرِ مصطفيٰ کي روڪڻ لاءِ، اسلام کي مٽائڻ لاءِ جيتري ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، اسلام اوترو ئي ڦهيلجي ٿو، هڪ رپورٽ موجب يورپ ۾ هر سال اوسطاً 1 لک ماڻهو ڪلمو پڙهي محبوبِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غُلامي اختيار ڪن ٿا.

اللّٰہُ اڪبر! انهن هڪ لک ماڻهن جي مسلمان ٿيڻ جو مطلب ڄاڻو ٿا؟ هر سال ذڪرِ محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرڻ وارين هڪ لک زبانن جو اِضافو تي رهيو آهي، هرسال ذڪرِ محبوب ٻڌڻ وارن 2 لک ڪنن جو اضافو تي رهيو آهي، هرسال يادِ محبوب ۾ تڙپڻ وارن هڪ لک دلين جو اِضافو تي رهيو آهي

سُبْحٰنَ الله! هي آهي منهنجي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ پاڪ...!! هي آهن منهنجي آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نرالا شان...!!

| | |
|---|---|
| وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰىؕ ۝۴ (سيپارو :30، الضحيٰ: 4) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي. |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريم جي ٻي معنيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰىؕ ۝۴ (سيپارو :30، الضحيٰ: 4) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي. |

هن آيتِ ڪريمہ جي ٻي تفسير اها بيان ڪئي وئي آهي تہ اَلۡاُوۡلٰى مان مراد آهي: دُنيا. ۽ اَلۡاٰخِرَةُ مان مراد آهي: دُنيا کان پوءِ واري زندگي. هن تفسير جي لحاظ کان آيتِ ڪريمہ جي معنيٰ اها ٿيندي: اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي هن دُنيا کان پوءِ واري زندگي، هن دُنيا جي زندگي کان وڌيڪ بهتر (Better) آهي.[1]

## اُمّت جي ترقي ڏيکاري وئي

صحابيءِ رسول، سلطانُ المفسرين حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏيکاريو ويو تہ توهان جي اُمّت کي ڪهڙيون ڪهڙيون ترقيون ۽ وسعتون عطا ڪيون وينديون، توهان جي اُمّت کي ڪيئن ڪافرن تي غلبو (Domination) عطا ٿيندو، پنهنجي اُمّت جو اهو سنو حال ڏسي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻو خوش ٿيا، ان تي هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي ۽ الله پاڪ فرمايو:[2]

وَ لَلۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لَّكَ مِنَ الۡاُوۡلٰى ؕ ﴿۴﴾
(سيپارو :30، الضحيٰ: 4)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي.

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اها تہ دُنيا جي عزّت ۽ ترقي ۽ شان ۽ عظمت آهي، الله پاڪ توهان جي لاءِ هن دُنيا کان پوءِ جيڪي عزّتون، رفعتون، بلنديون ۽ شان تيار ڪري رکيا آهن، اهي ان کان وڌيڪ بهتر آهن.

## تون زنده آهين وَاللّٰه! تون زنده آهين وَاللّٰه!

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي توهان کان هڪ ننڍڙو سوال آهي، ٿورو غور فرمايو! زنده هجڻ وڌيڪ بهتر آهي يا مري فنا ٿي وڃڻ وڌيڪ بهتر آهي؟ يقيناً هر صاحب عقل اهو ئي چوندو تہ زنده هجڻ وڌيڪ بهتر آهي. هاڻي پاڻ غور ڪريو! الله پاڪ تہ فرمائي ٿو تہ اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ

1...تفسير ڪبير،پاره:30،الضحيٰ،زيرِ آيت:4،جلد:11،صفحہ:193خلاصةً۔
2...معجمِ اوسط،جلد:1،صفحہ:173،حديث:572خلاصةً۔

توهان کي هن دُنيا ۾ بہ تمام گهڻا بلند شان عطا فرمايا آهن پر هن دُنيا مان پردو فرمائي وڃڻ کان پوءِ جا جيڪي توهان جا شان آهن، اهي انهن شانن کان وڌيڪ بهتر آهن.

تنهنڪري معلوم ٿيو تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دُنيا مان پردو فرمايو تہ ان پردي فرمائڻ سان سندن شان ۽ عظمت ۾ ڪا بہ ڪمي نہ آئي بلڪ اها جيڪا دُنياوي ظاهري زندگي مبارڪ هئي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان وڌيڪ بهتر زندگي سان پنهنجي مزار مبارڪ ۾ تشريف فرما آهن.[1]

تُو زندہ ہے واللہ! تُو زندہ ہے واللہ! | مرے چشمِ عالَم سے چھپ جانے والے[2]

## محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دنياوي شان

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَ لَلْاٰخِرَةُ خَیْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰىؕ (۴)
(سيپارو :30، الضحیٰ: 4)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي.

هتي الله ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 2 طرح جا شان بيان فرمايا آهن: (1): هڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دُنياوي شان (2): ٻيا پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اُخروي شان. الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان جا جيڪي اُخروي شان آهن، اهي انهن دنياوي شانن کان وڌيڪ بهتر آهن.

هاڻي هتي غور اهو ڪرڻو آهي تہ دُنيا ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شان ڇا آهن؟ اَللّٰهُ اڪبر! ۞ منهنجو محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو آهي جو الله پاڪ کين اَوّل نبي بہ بڻايو آهي ۞ آخري نبي بہ بڻايو آهي ۞ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقصودِ ڪائنات بہ آهن ۞ مطلوبِ ڪائنات بہ آهن ۞ محبوبِ ڪائنات بہ آهن ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن جن جو نالو پاڪ عرش تي، جنت ۾، جنتي وڻن جي پنن تي لکيو ويو آهي ۞ پاڻ سڳورا ئي آهن جو سندن ربِ ڪريم بہ سندن

1...تفسير نور العرفان،پاره:30،الضحیٰ،زيرِ آيت:4،صفحه:716ماخوذاً۔
2...حدائقِ بخشش،صفحه:158۔

تي دُرود موڪلي ٿو، فرشتا بہ موڪلين ٿا ۽ سندن غُلام بہ دُرودِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪري رحمت جا حقدار بڻجن ٿا ۞ اوهان جو ئي ذڪر اوهان جي رب بلند فرمايو آهي ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جو شان آهي تہ

کونین بنائے گئے سرکار کی خاطِر | کونین کی خاطِر تمھیں سرکار بنایا[1]

۞هي منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي شان آهي تہ

کُنجی تمھیں دی اپنے خزانوں کی خُدا نے | محبوب کیا، مالِک و مختار بنایا[2]

۞ هي منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي شان آهي جو عِلم (knowledge) هجي يا طاقت (Power)، رِزق هجي يا مال ۽ دولت، ربِ رحمان هر نعمت جو ڪين قاسم (تقسيم فرمائڻ وارو) بڻايو آهي.

اُس کی بخشش، اِن کا صدقہ | دیتا وہ ہے، دِلاتے یہ ہیں[3]

۞ هي منهنجي آقا جو ئي شان آهي تہ

شَافِع، نَافِع، رَافِع، دَافِع | کیا کیا رحمت لاتے یہ ہیں[4]

۞ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن جو جن کي ربِ ڪريم پنهنجي ذات ۽ صِفات جو مَظْهر بڻايو آهي ۞ هي منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي شان آهي تہ

اِنَّآ اَعۡطَیۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ | ساری کثرت پاتے یہ ہیں[5]

۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهين جن کي ربِ ڪريم بُرْهَان (روشن ۽ واضح دليل يعني قطعي ثبوت جنهن ڪانپوءِ ابهام يا شڪ جي گنجائش نہ رهي) بڻايو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي شان آهي تہ

دیئے معجزے انبیا کو خُدا نے | معجزہ بن کے آیا ہمارا نبی

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:47۔
2...ذوقِ نعت، صفحہ:48۔
3...الاستمداد، صفحہ:4۔
4...الاستمداد، صفحہ:4۔
5...الاستمداد، صفحہ:8۔

### چهرو مبارڪ اهڙو جو

دیکھنے والے کہا کرتے ہیں اللہ ! اللہ ! | یاد آتا ہے خُدا دیکھ کے صُورت تیری [1]

### اک مبارڪ اهڙي جو

جس طرف اُٹھ گئی، دم میں دم آ گیا
اس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام [2]

### رخسار مبارڪ اهڙا جو

نارِ دوزخ کو چمن کردے بہارِ عارض
ظلمتِ حشر کو دِن کر دے نَہارِ عارِض [3]

### زبان مبارڪ اهڙي جو

وہ زباں جس کو سب کُن کی کنجی کہیں
اس کی نافِذ حکومت پہ لاکھوں سلام [4]

### وات مبارڪ جو شان ڏسو!

وہ دہن جس کی ہر بات وحیِ خُدا
چشمۂ عِلْم و حکمت پہ لاکھوں سلام [5]

### ڪن مبارڪ اهڙا جو

دُور و نزدیک کے سننے والے وہ کان
کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سلام [6]

---

1...ذوقِ نعت،صفحہ:248۔
2...حدائقِ بخشش،صفحہ:300۔
3...حدائقِ بخشش،صفحہ:71۔
4...حدائقِ بخشش،صفحہ:302۔
5...حدائقِ بخشش،صفحہ:302۔
6...حدائقِ بخشش،صفحہ:300۔

۞ هٿ مبارڪ اھڙا جو

ہاتھ جس سمت اُٹھا غنی کر دیا

موجِ بحرِ سَماحَت پہ لاکھوں سلام(1)

۞ آڱريون مبارڪ اهڙيون جو

انگلیاں ہیں فیض پر، ٹوٹے ہیں پیاسے جھوم کر

ندیاں پنجابِ رحمت کی ہیں جاری واہ واہ(2)

۞ ايتري تائين جو پيرن جون ڪُڙيون مبارڪ اهڙيون عطا ٿيون جو

ایک ٹھوکر میں اُحد کا زلزلہ جاتا رہا

رکھتی ہیں کتنا وقار اللہُ اکبر ایڑیاں(3)

مطلب ته

مَظہرِ حق ہو تمہیں، مُظہرِ حق ہو تمہیں

تم میں ہے ظاہِر خُدا تم پہ کروڑوں دُرود(4)

الله! الله! هي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه شانن جو هڪ ٿورو بيان آهي، نه ته اسان جي نه مجال ڪٿي آهي، اسان ۾ طاقت ڪٿي آهي؟

تیرا وصف بیاں ہو کس سے، تیری کون کرے گا بڑائی

اس گردِ سفر میں گم ہے جبریلِ امیں کی رَسَائی

هي منهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي بلند شان آهن جيڪي ڪين دُنيا ۾ عطا ٿيا آهن ۽ ربِ ڪريم فرمائي ٿو:

---

1...حدائقِ بخشش،صفحه:303۔
2...حدائقِ بخشش،صفحه:134۔
3...حدائقِ بخشش،صفحه:87۔
4...حدائقِ بخشش،صفحه:269۔

وَ لَلۡاٰخِرَةُ خَیۡرٌ لَّکَ مِنَ الۡاُوۡلٰی ؕ﴿۴﴾
(سيپارو :30، الضحیٰ: 4)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي.

الله! الله! هي دُنيا ۾ عطا ڪيل شان آهن، جڏهن اسان انهن شانن جي انتها تائين نٽا پهچي سگهون تہ جيڪي شان ڪين آخرت ۾ عطا ڪيا ويندا، انهن جو اندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو...؟

## محبوب جا اُخروي شان

اللهُ اڪبر! قيامت جي ڏينهن محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪهڙن ڪهڙن شانن جو اِظهار ٿيندو؟ پڙهو! ۞ سڀ کان پهريان پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي روضهءِ انور مان ٻاهر نڪرندا ۞ ميدانِ محشر ۾ بُراق تي سوار ٿي 70هزار ملائڪن جي جلوس ۾ تشريف آڻيندا ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي جي اذان ڏني پئي ويندي ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنتي لباس پهرايو ويندو ۞ عرشِ اعظم جي ساڄي طرف تشريف فرما هوندا ۞ لِواءُ الْحَمْد (يعني حمد جو جهنڊو) ڪين عطا ڪيو ويندو ۞ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن سمورو اولاد سندن جهنڊي (Flag) هيٺان گڏ ٿيندو ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مقامِ محمود تي فائز فرمايو ويندو، سڀ اڳيان پويان، پنهنجا پراوا، سڀ اَهلِ محشر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي تعريف ۽ ثنا (Praise) ڪري رهيا هوندا ۞ سڀ کان پهريان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي ديدارِ خُدا جي سعادت حاصل ڪندا ۞ پاڻ ئي شفاعتِ ڪُبريٰ فرمائيندا ۞ پاڻ ئي جنت جو دروازو کولرائيندا ۞ پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اَنَا اَوَّلُ النَّاسِ خُرُوْجًا اِذَا بُعِثُوْا جڏهن ماڻهو اٿاريا ويندا، مان سڀ کان پهريان اٿندُس وَاَنَا خَطِيْبُهُمْ اِذَا اَنْصَتُوْا جڏهن خاموش هوندا، مان ئي انهن جو خطيب هوندُس وَقَائِدُهُمْ اِذَا وَفَدُوْا جڏهن ماڻهو وفد بڻجي ايندا، مان انهن جو قائد (Leader) هوندُس وَ شَافِعُهُمْ اِذَا حُبِسُوْا جڏهن سڀ روڪيا ويندا، مان انهن جي شفاعت ڪرڻ وارو هوندس وَاَنَا مُبَشِّرُهُمْ

اِذَا یَئِسُوْا جڏهن سڀ مايوس ٿيندا، مان انهن کي خوشخبري ٻڌائڻ وارو ٻڌجندس. وَلِوَاءُ الْحَمْدِ بِیَدِی حمد جو جهنڊو منهنجي هٿ ۾ هوندو وَمِفْتَاحُ الْجَنَّةِ یَوْمَئِذٍ بِیَدِیْ جنت جي چاٻي ان ڏينهن منهنجي هٿ ۾ هوندي وَاَنَا اَكْرَمُ وُلْدِ آدَمَ یَوْمَئِذٍ عَلٰی رَبِّی ان ڏينهن الله پاڪ وٽ تمام اولادِ آدم ۾ سڀ کان وڌيڪ عزّت وارو مان هوندس یَطُوْفُ عَلَیَّ اَلْفُ خَادِمٍ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ هڪ هزار خادم خدمت لاءِ منهنجي چوڌاري ڦرندا جڻ ته اهي لڪائي رکيل موتي آهن.(1)

## اوهان جي ڪري، خلق ڪتان جو ڪتان ٿي وئي

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ان سان گڏوگڏ اها مشهور و معروف حديثِ شفاعت به تورو ذهن ۾ آڻيو! اَللّٰهُ اڪبر! 50 هزار سالن جو اهو هولناڪ ڏينهن هوندو، زمين ٽامي (Copper) جي زمين سان بدلي ويندي، سج هڪ ميل تي رهي باهه وسائي رهيو هوندو، ماڻهو پگهر ۾ ٻڏي رهيا هوندا، زبانون اُڃ جي ڪري ٻاهر اچي رهيون هونديون، پگهر وهي زمين ۾ جذب ٿي رهيو هوندو، ايتري تائين جو زمين ۾ پگهر (Sweat) جذب ڪرڻ جي گنجائش نه رهندي، پوءِ ماڻهن جو پگهر زمين جي مٿان وهڻ شروع ٿيندو، ايتري تائين جو ڳچيءَ کان به مٿي ٿي ويندو، ماڻهو ان ۾ غوطا کائيندا، گهبرائي گهبرائي دل نڙيءَ تائين اچي ويندي. ماڻهو انهن آفتن (Calamities) کان تنگ اچي چاهيندا ته هن مشڪل مان ڪنهن طرح نجات ملي، وڌيڪ نه ته گهٽ ۾ گهٽ حساب ئي شروع ٿئي، سڀ پاڻ ۾ ملي ڪنهن اهڙي جي ڳولا ۾ نڪرندا، جيڪو ربِ قهار جي جناب ۾ انهن جي شفاعت ڪري، جيئن ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهه ۾ حاضري ٿيندي، پاڻ اِذْهَبُوْا اِلٰی غَیْرِیْ فرمائيندا يعني مون کان علاوه ڪنهن ٻئي وٽ وڃو![2] ماڻهو حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَامجي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا، اتي به اهو ئي جواب ملندو، پوءِ هڪ ڪري حضرت ابراهيم خليلُ الله، حضرت موسيٰ ڪليمُ الله، حضرت عيسيٰ رُوحُ

---

1...سبل الہدیٰ و الرشاد،الباب الثالث فیما اختص بہ نبینا ...الخ،الخامسة و الثلاثون،جلد:10،صفحہ:386۔
2...بخاری،کتاب التفسیر،سورۂ بنی اسرائیل،صفحہ:1183،حدیث:4712خلاصۃً ۔

الله مطلب تہ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَامجي خدمت ۾ حاضري ڏيندي، سڀ اهو ئي فرمائيندا: اسان جو اهو مرتبو ناهي، اسان ڪان اهو ڪم نہ ٿيندو، توهان ڪنهن ٻئي وٽ وڃو! آخرڪار نبين جي نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضري ڏيندي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ شفاعت جو سوال ڏيندو، پاڻ فرمائيندا: اَنَالَهَا (اَنَالَهَا) ها (!ها) مان آهيان شفاعت لاءِ، مان آهيان شفاعت لاءِ.

کہیں گے اور نبی اِذۡهَبُوۡا اِلٰی غَیۡرِیۡ
مرے حضور کے لب پر اَنَا لَهَا ہو گا[1]

هاڻي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ربِ ڪريم جي حضور ۾ سر سجدي ۾ رکي ڇڏيندا.

خاک اُفتادو بَس اُن کے آنے ہی کی دیر ہے
خود وہ گر کر سجدہ میں تم کو اُٹھاتے جائیں گے[2]

سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿو مبارڪ سجدي ۾ رکندا، ربِ ڪريم فرمائيندو: اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اِرۡفَعۡ رَاۡسَكَ مٿو مبارڪ کڻو! قُلۡ يُسۡمَعۡ لَكَ اي محبوب! چئو! توهان کي ٻڌو ويندو وَسَلۡ تُعۡطَهٗ ۽ گهرو! توهان کي ڏنو ويندو وَاشۡفَعۡ تُشَفَّعۡ ۽ شفاعت ڪيو! توهان جي شفاعت قبول ڪئي ويندي.[3]

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: اهو ئي مقامِ محمود هوندو، جتي تمام اڳين پوين ۾ حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف ۽ ثنا جو شور مچي ويندو، ان وقت پنهنجن پراون سيني تي کُلي پوندو تہ بارگاهِ الٰهي ۾ جيڪا عزت ۽ وجاهت اسان جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آهي، ڪنهن جي ناهي.

---

1...ذوقِ نعت،صفحه:54۔
2...حدائقِ بخشش،صفحه:156۔
3...بخاری،کتاب التوحید،باب کلام الرب عزوجل یوم القیامة...الخ،صفحه:1809،حدیث:7510خلاصةً۔

خلیل و نجی، مسیح و صَفی، سبھی سے کہی کہیں بھی بنی

یہ بے خبری کہ خَلق پھری کہاں سے کہاں تمہارے لئے[1]

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! هي منهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا شان آهن، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت ۽ رفعت ۽ عزت ۽ شوڪت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ئي ٿي رهيو آهي ۽ اهو اضافو ٿيندو ئي رهندو، ٿيندو ئي رهندو ايتري تائين جو قيامت ايندي، پوءِ سڀ پنهنجي اکين سان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت ڪي ڏسي وٺندا. اهو ته قيامت جو ڏينهن آهي، ان ڏينهن ته ابوجهل جهڙا ڪافر به مڃي وٺندا، اصل فضيلت جي ڳالهه اها آهي ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عظمتن ڪي اڄ مڃيو وڃي

آج لے اُن کی پناہ، آج مدد مانگ اُن سے

پھر نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا[2]

ان ڪري پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ عظمت کي دل ۾ ويهاري رکو! ان تي پختو ايمان رکو! اڄڪلهه دور اهڙو آهي: غير مسلم، عاشقانِ رسول جي سينن مان محبتِ رسول گهٽ ڪرڻ جي سخت ڪوشش ڪري رهيا آهن، ڇا سوشل ميڊيا، ڇا انٽرنيٽ...!! بس هڪ بدتميزي جو طوفان آيل آهي، اهڙن حالتن ۾ پنهنجي ايمان جي ضرور فڪر ڪرڻي آهي، پنهنجي محبوب آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي باري ۾ نه ڪو ڪمزور خيال دل ۾ اچڻ ڏيڻو آهي، نه ڪا ڪمزور ڳالهه ٻڌڻي آهي، نه اهڙيون ڪمزور ڳالهيون ڪرڻ وارن جي ڳالهه تي ڌيان ڏيڻو آهي.

اُن کے در پر جیسے ہو مٹ جایئے! ناتوانو! کچھ تو ہمت کیجیے!

اُن کے در پر بیٹھے بن کر فقیر بے نواؤ! فکرِ ثروت کیجیے!

نعرہ کیجیے! یارسولَ اللہ کا مفلسو! سامانِ دولت کیجیے!

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:351۔

2...حدائقِ بخشش،صفحہ:56۔

جو نہ بھولا ہم غریبوں کو رضا | یاد اس کی اپنی عادت کیجیے! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪلامِ اعليٰ حضرت ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي Kalam e ala hazrat (ڪلامِ اعليٰ حضرت). هي ايپلي ڪيشن Android ڊوائيسز تان ڊائون لوڊ ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن ايپلي ڪيشن ۾

- اردو جي اکرن جي ترتيب جي حساب سان ڪلام شامل ڪيا ويا آهن
- ايپلي ڪيشن ۾ ڪنهن بہ ڪلام کي ڳولڻ جي بہ سهولت موجود آهي
- آئي ٽي (IT Department) جو مستقبل ۾ هن ايپلي ڪيشن جي ڳولا ۾ اردو ڪي بورڊ، حرفِ رديف جي ترتيب جي حساب سان ڪلام، ذخيره الفاظ يعني حدائقِ بخشش ۾ شامل تمام الفاظ، مدني چينل جو سلسلو نغماتِ رضا بہ شامل ڪرڻ جو ارادو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** محفلِ ميلاد لاءِ گڏ ڪيل چندو ڪنهن ٻئي ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جائز ناهي

**وضاحت:** ميلاد شريف جي مهيني يعني ربيع الاول ۾ عموماً چندو (Donation) گڏ ڪري محفلون ڪرايون وينديون آهن. اهو تمام سٺو عمل آهي پر جيڪو چندو محفل لاءِ گڏ ڪيو، اهو صرف محفل لاءِ ئي استعمال ڪري سگهجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن چندي جي رقم بچي ويندي آهي تہ عِلمِ دين جي

---

1...حدائقِ بخشش،صفحہ:194-195-196-198ملتقطاً۔

ڪمي سبب ماڻهو ان کي ڪنهن ٻئي ڪم مثلاً مسجد وغيره ۾ استعمال ڪري ڇڏيندا آهن. ائين ڪرڻ هرگز جائز ناهي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: چندي جا پيسا چندو ڏيڻ وارن جي مِلڪيت ۾ رهندا آهن. جنهن ڪم لاءِ انهن چندو ڏنو، ان ڪم ۾ استعمال نه ٿيا (مثلاً محفل ڪرائڻ ڪانپوءِ به بچي ويا) ته فرض آهي ته جنهن جنهن کان چندو ورتو هو، انهن کي ئي واپس ڪيا وڃن، جيڪڏهن اهي ڪنهن ٻئي نيڪ ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏين ته ان ڪم ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا، جيڪڏهن ڏيڻ وارن جي خبر نه پوي مثلاً انهن جا نالا نه لکيا ويا هئا، نه ياد آهي ته ڪنهن ڪنهن ڏنا ها، ڪيترا ڪيترا ڏنا هئا، ان صورت ۾ ان چندي جي رقم کي ڪنهن به نيڪ ڪم (مثلاً مسجد، مدرسو وغيره) ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو.[1]

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي اَحڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَامُقِيۡتُ

جنهن جي اک ڳاڙهي هجي يا اکين ۾ سُور هجي ته اهو 10پيرا يَامُقِيۡتُ پڙهي دم ڪري[2] (الله پاڪ صحت عطا فرمائيندو) اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم!

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… فتاوىٰ رضويہ، جلد:16، صفحہ:247بتغير قليل۔

[2]… مدنی پنج سورہ، صفحہ:252۔